# اعليٰ حضرت
# ۽ عقيده ختم نبوت

**07-September-2023**



هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنتن ڀريو بيان

(For Islamic Brothers)

7 سيپٽمبر 2023ء تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

# اعليٰ حضرت ۽ عقيده ختم نبوت

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ... يومِ خَتمِ نُبُوَّت ۽ تحقيقات رضا
- ... اعلي حضرت ۽ آيت ختم نبوت جي تفسير
- ... خَاتَمُ النَّبِيّٖن جا 5 ڪفريہ معنائون
- ... ڪنهن صحابي ڪي نبي مڃڻ ڪيئن.....؟
- ... عقيده ختم نبوت تي جانورن جون گواهيون

پيشڪش

اَلمَدِينَةُ العِلمِيه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰه

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ اللّٰه وَعَلٰی اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ اللّٰه

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

حضرت سَهل بن سعد رَضِیَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ هڪ ڏينهن نبي پاڪ صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻاهر تشريف وٺي آيا، هن موقعي تي حضرت ابو طلحہ انصاري رَضِیَ اللهُ عَنْه اڳتي وڌي ڪري عرض ڪيو: يارسولَ الله صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ! منهنجا ماءُ پيءُ اوهان تي قربان، اڄ چهري مبارڪ تي خوشي جا آثار معلوم ٿي رهيا آهن. پياري آقا، مديني واري مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ هاڻي جبريلِ امين عَلَيْهِ السَّلَام مون وٽ آيو ۽ ان عرض ڪيو: اي محمد صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جنهن اوهان تي هڪ ڀيرو دُرودِ پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان جي نامۂ اعمال ۾ 10 نيڪيون لکندو ۽ 10 گناهہ مِٽائيندو ۽ 10 درجات وڌائيندو.[1]

اُن پر درود جن کو کسِ بے کساں کہیں | اُن پر سَلام جن کو خَبَر بے خَبَر کی ہے[(2)]

وضاحت: اهي پيارا آقا، مديني وارا مصطفٰي صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن کي بي سهارن جو سهارو چيو ويندو آهي، جيڪي هر بي خبر جي خبر رکڻ وارا آهن، انهن تي دُرود ۽ سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

[1] حلية الاولياء ،جلد:1،صفحہ:120

[2]... حدائقِ بخشش، صفحہ:209۔

# بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديث پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالنِّيّات عملن جو دارومدار نيتن تي آهي.[1]

پيارا اسلامي ڀائرو! سٺي نيت افضل ترين عمل آهي، بيان ٻڌڻ کان پهريان سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪيو نگاهون هيٺ ڪري بيان ٻڌندس، علمِ دين جي تعظيم جي نيت سان جيتري دير ٿي سگهيو گوڏن ڀر يعني التَّحِيَّات ۾ ويهڻ جيان ويهندس، ضرورتًا سرڪي ٻين جي لاءِ جاءِ ڪشادي ڪندس، ڌڪو وغيره لڳو تہ صبر ڪندس گھُورڻ، جهڙڪڻ، تڪرار ڪرڻ کان بچندس، بيان کان پوءِ پاڻ اڳتي وڌي مسلمانن کي سلام ڪندس، هٿ ملائيندس ۽ انفرادي ڪوشش ڪري نيڪيءَ جي دعوت پيش ڪندس. اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام ۽ عقيده ختم نبوت

منهنجا آقا اعلي حضرت، امام اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فتاويٰ رضويہ، جلد:15، صفحو: 663 تي عقيده ختم نبوت تي دلائل ڏيندي لکن ٿا: هڪ ڀيرو ملائڪن جو سردار حضرت جبريل اَمين عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿي هينئن سلام عرض ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَاظَاهِرُ! اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَابَاطِنُ اي ظاهر نبي! اوهان تي سلام هجي، اي باطن نبي، اوهان تي سلام هجي. اُن تي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي جبريل! هي صفتون تہ الله پاڪ جون آهن، انهيءَ کي سونهن ٿيون، مون جهڙي مخلوق جون هي صفتون ڪيئن ٿيون ٿي سگهن؟ حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام عرض ڪيو: الله پاڪ اوهان کي هنن

---

[1] بخاري، ڪتَاب بَدءِ الْوَحي، صفحو:65، حديث:1-

صفتن سان فضيلت ڏني، اوهان کي سيني نبين ۽ رسولن تي فضيلت بخشي ۽ پنهنجي نالي ۽ صفت سان اوهان جو نالو ۽ وصف ڪڍيو آهي. (اي پيارا محبوب صَلَّى اللّٰہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم)! الله پاڪ اوهان جو نالو اَوَّل رکيو، ڇوته اوهان جي پيدائش جي اعتبار سان سيني انبياءِ ڪرام کان اَوّل يعني پهريان آهيو(ڇوته سيني کان پهريان اوهان جو نور مبارڪ پيدا ڪيو ويو)، الله پاڪ اوهان جو نالو مبارڪ آخِر به رکيو ڇوته اوهان سيني نبين سڀورن جي زماني کان آخر ۾ تشريف کڻي اچڻ وارا ۽ آخري اُمت جا آخري نبي آهيو، انهي طرح الله پاڪ اوهان جو نالو باطِن به رکيو، ڇوته الله پاڪ پنهنجي نالي سان گڏ اوهان جو نالو پاڪ سونهري نور سان عرش جي پايي تي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي پيدائش کان 2 هزار سال پهريان هميشه هميشه جي لاءِ لکيو، پوءِ مون کي اوهان تي درود شريف موڪلڻ جو حڪم ڏنو ته مون اوهان تي هزار سال دورد ۽ هزار سال سلام موڪليو ايستائين جو الله پاڪ اوهان کي خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄاريندڙ، الله پاڪ جي حڪم جي طرف سڏيندڙ ۽ چمڪائيندڙ سج بڻائي موڪليو. انهي طرح الله پاڪ اوهان جو نالو ظاهِر به رکيو ڇوته ان اوهان کي تمام دينن تي غلبو عطا فرمايو، اوهان جي شريعت و فضيلت کي تمام زمين ۽ آسمان وارن تي ظاهر ڪيو ته ڪو اهڙو نه رهيو جنهن اوهان تي دورد نه پڙهيو هجي، الله پاڪ اوهان تي درود(يعني رحمت) موڪلي، پوءِ اوهان جو ربّ مَحمُوّد (يعني تعريف ڪيو ويو) آهي ۽ اوهان مُحمد (يعني تعريف ڪيل آهيو.) اوهان جو ربّ اول ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن آهي ۽ اوهان به (پنهنجي ربّ جي عطا سان)اوّل ۽ آخر، ظاهر ۽ باطن آهيو.[1]

| نگاہِ عشق و مستی میں وہی اَوّل، وہی آخر | وہی قرآں، وہی فرقاں، وہی یٰسیں، وہی طٰہٰ |
|---|---|

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

[1] فتاوىٰ رضويه، جلد:15، صفحه:663 ملتقطًا.

## اسان آخري نبي جي آخري اُمت آهيون

اي عاشقانِ آخري نبي! اللّٰه پاڪ جو اسان گنهگارن تي وڏو فضل و احسان آهي جو ان اسان کي پياري پياري سيني کان آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جو اُمتي بڻايو، اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جا پيارا آقا، مڪي مديني وارا مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سيني رسولن ۽ نبين کان افضل آهن ۽ اللّٰه پاڪ جي رحمت سان پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي صدقي ۾ سندن اُمت پوين تمام اُمّتن کان بهتر آهي.

سارے رسولوں سے تم بر تر، تم سارے نبیوں کے سرور

سب سے بہتر اُمّت والے، صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم [1]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## يوم ختمِ نُبُوَّت ۽ تحقيقات رضا

اي عاشقانِ آخري نبي! اَڄ 7 سيپٽمبر آهي ۽ اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اسان جي ملڪ پاڪستان ۾ 7 سيپٽبر تي **يومِ ختم نُبُوَّت** ملهايو ويندو آهي ۽ عنقريب صفر المظفر 25 ويهين شريف يعني يوم رضا به اچڻ وارو آهي. اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه عاشق آخري نبي، عقيده ختم نبوت جا عظيم پهريدار آهن، سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جيئن بين عقائد و اعمال، تفسير ۽ حديث، فقه ۽ تصوف وغيره 100 کان وڌيڪ علوم ۾ بهترين تحقيقات فرمايون آهن، عقيده ختم نبوت کي به پاڻ تمام بهترين انداز سان بيان ڪيو آهي، اچو! يومِ ختم

---

[1] ... سامانِ بخشش، صفحہ:103۔

**نُبُوَّت** جي مناسبت سان عقيده ختم **نُبُوَّت** جي متعلق سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه جون تحقيقون پڙهڻ جي سعادت حاصل ڪيون ٿا.

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی! |
| نظریہ غوث کا | سب سے آخری نبی! | اَوْلیا کا نظریہ | سب سے آخری نبی! |
| ہے رضا کا نظریہ! | سب سے آخری نبی! | نظریہ عطار کا! | سب سے آخری نبی![1] |

## خدا جو قسم تنهنجي مثل ڪو ٻيو نہ آهي

هڪ پيري عاشق آخري نبي، سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي خدمت ۾ سوال ٿيو: ڇا دنيا ۾ ڪو ٻيو مُحَمَّد پيدا ٿيڻ ممڪن آهي؟

ڪيترو يُونِيڪ سُوال آهي...!! هڪ تہ هي سوال آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان بعد ڪو ٻيو نبي اچي سگهي ٿو يا نہ؟ پر سوال ڪرڻ واري هي نہ پڇيو تہ ڪو ٻيو نبي بہ اچي سگهي ٿو يا نہ...؟ ان پڇيو: ڇا ڪو ٻيو محمد پيدا ٿي سگهي ٿو يا نہ..؟ هاڻي ٻڌو! عاشق آخري نبي، سيدي اعلي حضرت رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جو جواب...!! سندن ارشادن جو خُلاصو آهي، فرمايائون: اهو محمد صَلَّى الله عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جيڪو الله پاڪ جو رسول آهي، اَوّل بہ آهي، آخِرُ بہ آهي، ظَاهِرُ بہ آهي، بَاطِنِ بہ آهي، نبين جو سردار بہ آهي، مالڪ ۽ مختار بہ آهي، الله پاڪ جن کي رَحۡمَةٌ لِّلۡعَالَمِيۡن بہ بڻايو ۽ خَاتَمُ النَّبِيّٖن جو تاج بہ سندن مٿي تي

[1] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:51 -52 ملتقطًا۔

سجايو، انهن جهڙو دنيا ۾ ڪو ٻيو ٿي نٿو سگهي، جهڙي طرح ٻيو خدا ناممڪن ۽ محال آهي، ائين ئي ٻيو مصطفيٰ هجڻ به ناممڪن ۽ محال آهي.[1]

رُخِ مصطفیٰ ہے وہ آئینہ کہ اب ایسا دُوسرا آئینہ

نہ کسی کی بزمِ خیال میں، نہ دُکانِ آئینہ دار میں

يعني محمد مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي عظيم الشان، بي مثل ۽ بي مثال هستي آهن جو انهن جهڙو ٻيو نه ڪنهن جي تصور ۽ خيال ۾ آهي ۽ نه الله پاڪ ئي اهڙو ڪو بڻايو آهي، نه ئي ڪڏهن بڻائيندو.

سيّدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

## خدا جو قسم تنهنجي مثل ڪو به نه آهي

اي عاشقانِ آخري نبي! هي ته اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جو جواب هيو، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ان جو جيڪو دليل ڏنو، هاڻي اهو ٻڌو! لکن ٿا: اسان جا آقا و مولیٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اهي عظيم الشان، بي مثل ۽ بي مثال آهن، جن کي ربّ ڪائنات خَاتَمُ النَّبِيّٖن (يعني سڀني کان آخري نبي) بڻائي ڪري موڪليو آهي، هاڻي فرض ڪيو! جيڪڏهن ڪو ٻيو مُحَمّد پيدا ٿيڻ ممڪن آهي ته اسان پڇون ٿا، اهو ٻيو جيڪو ايندو، ڇا اهو به (يعني سڀني کان آخري نبي) هوندو يا نه هوندو؟ جيڪڏهن چئو ٿا خَاتَمُ النَّبِيّٖن اهو نه هوندو، پوءِ ته مُحَمد مصطفي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نه ٿيو، جيڪڏهن چئو ٿا اهو خَاتَمُ النَّبِيّٖن به هوندو، پوءِ ته اسان جو آقا و موليٰ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نه رهيو، ڇوته آخري صرف هڪ ئي هوندو آهي، لهٰذا ثابت ٿيو ته ربّ ڪائنات صرف هڪ ئي مُحمَّد

[1] فتاویٰ رضویہ،جلد:18،صفحہ:27- 28 خلاصةً (مکتبہ غوثیہ کراچی)۔

مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ٻڌايو آهي، نہ ڪائنس پهريان ڪو پاڻ جهڙو ٿيو آهي، نہ سندن بعد ڪو پاڻ جهڙو ٿي سگهي ٿو.[1]

ترے خُلق کو حق نے عظیم کہا، تری خِلق کو حق نے جمیل کیا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا ترے خالقِ حُسن و ادا کی قسم
ترا مسندِ ناز ہے عرشِ بریں، ترا محرمِ راز ہے رُوحِ امیں
تُو ہی سرورِ ہر دَو جہاں ہے شہا، ترا مثل نہیں ہے خُدا کی قسم[2]

**وضاحت:** اي منهنجا رَحمت وارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ اوهان جي اَخلاقِ مُبارڪ کي عظيم (تمام بهتر) قرار ڏنو آهي ۽ اوهان جي وِلادَتِ باسعادت هزارين سَعادَتون ۽ بَرَڪتون کڻي آئي، اهڙي نِرالي ۽ حَسِين ڪنهن جي پيدائش نہ ٿي. منهنجا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ !ڀلا اوهان جهڙو ٻيو ڪير ٿي سگهي ٿو؟ ها ها! زمين ۽ آسمان جي پيدا ڪرڻ واري جو قسم آهي ”اوهان جهڙو ٻيو ڪوئي ناهي “

الله! الله! ڇا تہ ڪمال جو علم آهي، ڇا تہ بيمثال دليل آهي، هي تہ ٻيو مُحَمّد هجڻ جي ڳالھ آهي، سيّدي اعلي حضرت جو ڀاءُ مولانا حسن رضا خان صاحب رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

یہی منظور تھا قُدرت کو کہ سایہ نہ بنے
ایسے یکتا کے لئے ایسی ہی یکتائی ہو[3]

۽ ڪنهن شاعر ڇا تہ پياري ڳالھ ڪئي آهي:

اَرْبابِ نظر کو کوئی ایسا نہ ملے گا بندے تو مل ہی جائیں گے، آقا نہ ملے گا
تاریخ اگر ڈھونڈے گی ثانیٔ محمد ثانی تو بڑی چیز ہے سایہ نہ ملے گا

---

[1] فتاویٰ رضويہ،جلد:18،صفحہ: 28 خلاصةً (مڪتبہ غوثيہ ڪراچي)۔
[2] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:80 - 81 ملتقطاً
[3] ... ذوقِ نعت، صفحہ:105

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کالاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی! |
| نظریہ غوث کا | سب سے آخری نبی! | اَوْلیا کا نظریہ! | سب سے آخری نبی! |
| ہے رضا کا نظریہ! | سب سے آخری نبی! | نظریہ عطار کا! | سب سے آخری نبی![1] |

## عقيده ختم نُبُوَّت ڇا آهي ...؟

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه آقا و موليٰ محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سيني کان آخري نبي آهن. اسلام ۾ عقيده ختم نبوت ڇا آهي؟ ۽ ان جي اهميت ڪهڙي آهي؟ اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه اهو به اسان کي سمجهايو، سندن فرمانن جو خلاصو آهي: جڏهن کان احمد مجتبيٰ، محمد مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم دنيا ۾ تشريف کڻي آيا، ان وقت کان وٺي قيامت تائين ڪوبه شخص ڪنهن به لحاظ کان ڪنهن به زماني ۾، ستن آسمانن ۽ ستن زمينن ۾، ڪائنات جي ڪنهن به خِطي ۾ ڪوبه نئون نبي نٿو اچي سگهي.

۽ مزيد اعلي حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا: اسلام ۾ جهڙي طرح لَآاِلٰهَ اِلَّا اللّٰه تي ايمان رکڻ ضروري آهي، انهي طرح مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰه کي خَاتَمُ النَّبِيّٖن مڃڻ به لازم ۽ ضروري آهي، جيڪو انسان هن عقيدي جو انڪار ڪري يا ان ۾ ذري برابر به شڪ ڪري اهو يقيني طور تي ڪافر آهي، ملعون آهي، هميشه هميشه جهنم ۾ رهندو. پوءِ ڳالهه صرف ايتري ئي نه آهي بلڪ جيڪو هن مرتد جي غلط عقيدي

[1] ... وسائلِ فردوس، صفحه:51- 52 ملتقطًا.

کي ڄاڻيندو هجي، پوءِ اهو ان کي ڪافر نہ سمجهي يا ان جي ڪافر هجڻ ۾ شڪ ڪري، اهو بہ ڪافر ۽ مرتد آهي.[1]

خيال رهي! الله پاڪ جي نبي حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام چوٿين آسمان تي تشريف فرما آهن، پاڻ اڃا تائين موت جو ذائقو ناهي چکيو، قيامت جي ويجهو پاڻ وري دنيا ۾ تشريف آڻيندا ۽ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت جي تبليغ فرمائيندا. پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي دنيا ۾ تشريف ڪٺي اچڻ سان عقيده ختم نبوت تي ڪو فرق نہ پوندو ڇوتہ خَاتَمُ النَّبِيّٖن جي معنيٰ آهي: محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظهور ڪان بعد ڪنهن کي نبوت نہ ملندي، حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام اڳي جا نبي آهن، ڪين نبوت اڳ ۾ مليل آهي، قيامت جي قريب جڏهن دنيا ۾ تشريف ڪٺي ايندا تہ ان وقت بہ نبي ئي هوندا پر هڪ نبي جي حيثيت سان پنهنجي شريعت جي تبليغ نہ فرمائيندا بلڪ الله پاڪ جي سڀني کان آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شريعت ئي تي عمل ڪرائيندا، ڇو ته پاڻ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا اُمّتي هجڻ جي حيثِيت سان تشريف ڪٺي ايندا.

بعد آپ کے ہرگز نہ آئے گا نبی نیا
واللہ! اِیماں ہے مرا، اے آخری نبی

محمدِ مصطفےٰ! سب سے آخری نبی!
احمدِ مجتبیٰ! سب سے آخری نبی!

آمنہ کا لاڈلا! سب سے آخری نبی!
شاہِ ہر دوسرا! سب سے آخری نبی!

تاجدارِ انبیا! سب سے آخری نبی!
ہیں حبیبِ کبریا! سب سے آخری نبی!

عقیدہ سب صحابہ کا! سب سے آخری نبی!
عقیدہ اَہلِ بیت کا! سب سے آخری نبی!

نظریہ غوث کا! سب سے آخری نبی!
اَوْلیا کا نظریہ! سب سے آخری نبی!

ہے رضا کا نظریہ! سب سے آخری نبی!
نظریہ عطار کا! سب سے آخری نبی![2]

[1] فتاویٰ رضویہ، جلد:15، صفحہ:630 خلاصةً
[2] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:51-52 ملتقطًا۔

# اعلي حضرت ۽ آيت ختم نبوت جي تفسير

سيپارو:22، سورت احزاب، آيت:40 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

مَا كَانَ مُحَمَّدٌ اَبَآ اَحَدٍ مِّنْ رِّجَالِكُمْ وَلٰكِنْ رَّسُوْلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَیْءٍ عَلِیْمًا ۠﴿۴۰﴾

ترجموڪنز العرفان: محمد توهان جي مَردن مان ڪنهن جو پيءُ نہ آهي پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي.

هن آيتِ ڪريمہ جي تفسير پاڻ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم بہ فرمائي، صحابہ ڪرام بہ هن آيت جي تفسير بيان ڪئي، تابعين بہ بيان ڪئي، پوءِ ان کان بعد ڪان وٺي ڪري 13 صدين جي عالم سڳورن بہ هن آيت جي متعلق تمام خوبصورت ۽ علمي تحقيقون فرمايون آهن، سيدي اعلي حضرت امام احمد رضا رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه انهن 13 صدين جي تحقيقات جو خلاصو بيان ڪندي لکن ٿا: خَاتَمُ النَّبِيّٖن جي معنيٰ آهي: آخِرُ الۡاَنۡبِيَاء يعني (سڀني کان آخري نبي چوتہ) حضور صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي درر ۾ يا پاڻ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان بعد قيامت تائين ڪنهن کي بہ نُبوّت ملڻ محال آهي. آيت جي هن معنيٰ جي تاويل يا تخصيص ڪرڻ (يعني پنهنجي مرضي جي معنيٰ ڪڍڻ) ڪفر آهي.[1]

## خَاتَمُ النَّبِيّٖن جا 5 ڪفريہ معنائون

سيّدي اعليٰ حضرت رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه وڌيڪ لکن ٿا تہ (1) جيڪو چئي ” خَاتَمُ النَّبِيّٖن “ جو مطلب آهي: نئين شريعت وارو نبي، لهٰذا انهيءَ اسلامي شريعت تي عمل ڪرڻ وارو نبي اچي سگهي ٿو. چوڻ وارو ڪافر آهي. (2) جيڪو ”خَاتَمُ النَّبِيّٖن“ جي معنيٰ نبي بالذّات (اصلي نبي) ڪري، ڪافر آهي.(3) جيڪو

[1] فتاوی رضویہ،جلد:14،صفحہ:333 خلاصۃً ۔

هن جي معنيٰ اَفْضَلُ النَّبِيِّن (سيني نبين کان افضل) ٻڌائي، ڪافر آهي.[1] واضح رهي! اسان جا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ بيشڪ سيني نبين کان افضل آهن، پر خَاتَمُ النَّبِيِّن جي اها معنٰي ڪرڻ ڪفر آهي ڇوته هي تحريف آهي. (4) جيڪو چئي هن زمين تي ته نه پر ٻي هنڌ(مثلاً ستن زمينن يا ستن آسمان مان ڪٿي) ڪو ٻيو نبي اچي سگهي ٿو، چوڻ وارو ڪافر آهي. (5) جيڪو چئي: انسانن ۾ نئون نبي نٿو اچي سگهي، باقي ٻي مخلوق ۾ هاڻي به نبي اچي سگهي ٿو. چوڻ وارو ڪافر آهي.

ياد رهي! "خَاتَمُ النَّبِيِّن" جون اهڙيون معنائون ڪرڻ وارو ڪافر آهي، جيڪو ان کي ڪافر نه سمجهي يا ان جي ڪفر ۾ شڪ ڪري اهو به ڪافر، مرتد، اسلام مان خارج آهي.[2]

سب صحابہ کا ہے یہ عقیدہ اَٹل | ہیں یہ خیرُالوریٰ خاتَمُ الْاَنبیاء

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## نبوت جا ڪوڙي دعويدار سان دليل گهرڻ ڪيئن؟

حضرت ابو منصور ماتريدي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه لکن ٿا: جيڪو حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کان بعد نبي جي اچڻ جي دعويٰ ڪري ته ان کان ڪو دليل نه گهريو ويندو بلڪ ان شخص جي عقيدي جو انڪارئي ڪيو ويندو[3] ڇوته الله پاڪ جا پيارا

[1] فتاوی رضويہ، جلد:14،صفحہ:333 ماخوذاً۔
[2] فتاوی رضويہ، جلد:14،صفحہ:338 ماخوذاً۔
[3] تفسير تاويلات اہلِ السنہ ماتريدی،پارہ:22،الاحزاب،زيرِ آيت:40،جلد:8 ،صفحہ:396 ۔

نبيءِ رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائي چڪا: لَا نَبِيَّ بَعْدِي يعني مون کان پوءِ ڪوبہ نبي نہ آهي.[1]

شہِ انبیا ہے، خُدا کا ہے پیارا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے
محمد ہے احمد، ہے سلطانِ بطحا | وہ نبیوں میں سُن لو! نبی آخری ہے

سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي فرمان جو خلاصو آهي: جيڪڏهن ڪنهن نبوت جي ڪوڙي دعويدار کان انهي ڪري معجزو طلب ڪيو تہ هي چوتہ ڪوڙو آهي، لهٰذا معجزو ڏيکاري نہ سگهندو، جڏهن ڏيکاري نہ سگهندو تہ ذليل و رسوا ٿيندو، هن نيت سان معجزو ڏيکارڻ جو چوڻ ۾ تہ ڪو حرج ناهي، البتہ جيڪڏهن تحقيق جي لاءِ معجزو طلب ڪيو تہ ڏسون هي معجزو ڏيکاري بہ سگهي ٿو يا نہ تہ ان نيت سان ڪوڙي نبي کان معجزو طلب ڪرڻ وارو فوراً ڪافر ٿي ويندو.[2] الله پاڪ جي پناھ...!!

ایماں پہ رَبِّ رحمت دے دے تُو استقامت | دیتا ہوں واسطہ میں تجھ کو ترے نبی کا[3]

## ڪنهن صحابي کي نبي مڃڻ ڪيئن...؟

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه عقيده ختم نبوت جي متعلق گهڻو ڪجھ لکيو آهي، انهن مان بطور خاص 6 رسالا آهن جيڪي عقيده ختم نبوت جي بيان تي يا ختم نبوت جو انڪار ڪرڻ وارن جي ردّ ۾ لکيا ويا آهن، انهن مان هڪ رسالو آهي: جَزاءُ اللهِ عَدُوَّهُ بِاِبَائِهٖ خَتْمَ النُّبُوَّه (يعني ختم نبوت جو انڪار ڪرڻ واري دشمن خدا تي الله پاڪ جي مار پوي.) سيّدي اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي خدمت ۾ سوال ٿيو: هڪ شخص جيڪو حضرت

---

1 مسلم،کتاب الامارۃ،باب وجوب الوفاء ببیعۃ الخلفاء الاول فالاول،صفحہ:739،حدیث:1842 ۔
2 ملفوظاتِ اعلیٰ حضرت،صفحہ:134 بتغير قليل۔
3 ... وسائلِ بخشش، صفحہ:178۔

بيبي خاتون جنت سيّده فاطمة الزهراء، حضرت علي المرتضي شير خدا ۽ امام حسن ۽ حُسين رَضِیَ اللہ عَنۡھُم کي نبي مڃي ٿو. ان جي باري ۾ ڇا حڪم آهي. ان جي جواب ۾ سيدي اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه 113 صفحن تي مشتمل هڪ عظيم الشان رسالو لکيو، جنهن ۾ پاڻ رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه قرآن ڪريم جي هن آيت:

وَلٰكِنۡ رَّسُوۡلَ اللّٰهِ وَخَاتَمَ النَّبِيّٖنَ ؕ

(پاره:22، الاحزاب:40)

ترجموڪنزالعرفان: پر الله جو رسول آهي ۽ سڀني نبين جي آخر ۾ تشريف وٺي اچڻ وارو آهي.

۽ احاديث ۽ روايتن ۽ گذريل آسماني ڪتابن جي ارشادن کي لکي ڪري اهو ثابت ڪيو تہ جيڪو ٻانهو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي آخري نبي هجڻ جو انڪار ڪري. پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي ظاهري زندگي جي زماني ۾ يا ان کان بعد قيامت تائين ڪنهن بہ اوچي کان اوچي مرتبي واري کي نبي مڃي، اهو انسان ڪافر آهي، دائره اسلام مان خارج آهي.[1]

سيّدي اعلي حضرت رَحۡمَۃُ اللہِ عَلَیۡه هن مبارڪ رسالي ۾ عقيده ختم نبوت جا جيڪي دليل ذڪر فرمايا، اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! عاشق اعليٰ حضرت، امير اهل سنت، مولانا محمد الياس عطار قادري هن مان اڪثر دليل پنهنجي رسالي ”**سيني ڪان آخري نبي**“ ۾ ذڪر ڪيا آهن. اچو انهن مان ڪجھ دليل ٻڌون ٿا. وڌيڪ تفصيل ڄاڻڻ چاهيو ٿا تہ امير اهل سنت جو رسالو”**سيني ڪان آخري نبي**“ پڙهي وٺو بلڪ ڪوشش ڪري يومِ ختم نبوت جي موقعي تي گهر ۾، پنهنجي پاڙي ۾، ڳوٺ ۾، بازار ۾ هن رسالي مان درس ڏيو! اِنۡ شَآءَ اللّٰهُ الۡكَرِيۡم! علم دين بہ سکڻ جي لاءِ ملندو ۽ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ جو تمام گهڻو ثواب بہ هٿ ايندو.

[1] فتاوىٰ رضويہ،جلد:15،صفحہ:629- 630 خلاصتً۔

# عقيده ختم جا دليل

## لوح محفوظ ۾ عقيده ختم نبوت

حديث شريف جي مشهور ڪتاب مسلم شريف ۾ آهي: اللّٰه پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: اللّٰه پاڪ زمين ۽ آسمان جي پيدائش کان 50 هزار سال پهريان مخلوق جي تقدير لکي، ان وقت لوح محفوظ تي جيڪو ڪجھ لکيو ويو، ان ۾ هي به هيو: اَنَّ مُحَمَّدًا خَاتَمُ النَّبِيِّن بيشڪ محمد صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ سيني کان آخري نبي آهن.[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمدِ مصطفےٰ! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کالاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی![2] |

## حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام ۾ عقيده ختم نبوت

صحابي رسول حضرت ابوهريره کان روايت آهي، آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: جڏهن اللّٰه پاڪ حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام کي پيدا فرمايو ته کين اولاد ڏيکاريو ويو، پاڻ پنهنجي اولاد مان ڪن کي ڪجھ کان افضل ڏٺو، پوءِ پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام سيني کان آخر ۾ بلند ۽ روشن نُور ڏٺو، عرض ڪيو: يَا رَبِّ! مَنْ هٰذَا؟ اي اللّٰه پاڪ! هي ڪير آهي؟ ارشاد ٿيو: اي آدم! هي اوهان جو پٽ احمد (صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ) آهي، اهو ئي اَوّل، اهو ئي آخِر آهي، هي ئي اهو آهي جيڪو(قيامت جي ڏينهن) سيني کان پهريان شفاعت فرمائيندو، انهن جي شفاعت سيني کان پهريان قبول ڪئي ويندي.[3] صحابي رسول حضرت جابر بن عبداللّٰه رَضِيَ الله عَنْه کان روايت آهي ته اللّٰه پاڪ جي نبي حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام جي

---

[1] مسلم،ڪتاب القدر،باب حِجاج آدم و موسٰی عليهما السَّلام ،صفحه:1023،حديث:2653۔

[2] ... وسائلِ فردوس، صفحه:51۔

3 مختصر تاريخ دمشق لابن عساکر،ما ورد فی اصطفائه علی العالمين... الخ،جلد:2،صفحه:111۔

بنهي ڪلهن جي وچ ۾ لکيل هيو: مُحَمَّد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّن ”محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ الله پاڪ جا رسول ۽ سڀني کان آخري نبي آهن.“[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی![2] |

## زمين تي پهرين اذان

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، رسول رحمت، شفيع اُمّت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام هند ۾ لٿا، ڪين ٿوري گهبراهٽ ٿي ته حضرت جبريل عَلَيْهِ السَّلَام آيا، انهن اَذان ڏني، جڏهن جبريل عَلَيْهِ السَّلَام اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ الله چيو ته حضرت آدم عَلَيْهِ السَّلَام پڇيو: مَنْ مُحَمَّد؟ يعني محمد ڪير آهي؟ جبريل عَلَيْهِ السَّلَام چيو: خَرُ وَلَدِكَ مِنَ الْاَنْبِيَاء يعني محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ اوهان جي اولاد مان سڀني کان آخري نبي آهي.[3]

## حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ۽ عقيده ختم نبوت

طبقات الڪبريٰ ۾ روايت آهي: الله پاڪ پنهنجي نبي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام تي نازل ٿيڻ وارن صحيفن ۾ لکيو هيو: (اي ابراهيم!) اوهان جي اولاد ۾ ڪيئي قبيلا ٿيندا، ايستائين جو نبي اُمّي تشريف کڻي ايندا (اهي نبي اُمّي ڪير آهن؟ ارشاد ٿيو:) اَلَّذِیْ یَکُوْنُ خَاتَمُ الْاَنْبِيَاء اهي جيڪي سڀني کان آخري نبي ٿيندا.[4]

## حضرت يعقوب عَلَيْهِ السَّلَام ۽ عقيده ختم نبوت

مُحمد بن ڪعب قُرَظي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان روايت آهي: الله پاڪ پنهنجي نبي حضرت

1 مختصر تاريخ دمشق لابن عساکر،ذکر عروجہ الی السماء واجتماعہ بالانبیاء،جلد:2،صفحہ:137۔
[2] … وسائلِ فردوس، صفحہ:51 ملتقطًا۔
[3] تاریخِ مدینہ دمشق،جلد:7 ،صفحہ:437ملتقطًا۔
[4] الطبقات الکبریٰ لابن سعد،ذکر علامات النبوۃ فی رسول اللہ …الخ،جلد:1 ،صفحہ:130 ملتقطًا۔

يعقوب عَلَيۡهِ السَّلَام جي طرف وحي موڪلي: (اي يعقوب!) مان اوهان جي اولاد ۾ ڪيئي بادشاهه ۽ نبي پيدا ڪندس، ايستائين جو حرم وارا نبي تشريف ڪڻي ايندا، وَهُوَ خَاتَمُ الۡاَنۡبِيَاءِ وَ اِسۡمُهُ اَحۡمَد يعني اهي سڀني کان آخري نبي هوندا ۽ انهن جو نالو مبارڪ اَحۡمد مجتبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ آهي.[1]

## حضرت موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام ۽ عقيده ختم نبوت

حضرت ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡهُ کان روايت آهي، آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: بيشڪ جڏهن موسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام تي تورات نازل ٿيو ته پاڻ ان جي تلاوت ڪئي، اُن ۾ (آخري) اُمَّت جو ذڪر پڙهيو ته عرض ڪيو: اي الله پاڪ! مان تورات ۾ اهڙي اُمَّت جو ذڪر ڏسان ٿو جيڪا(زماني جي اعتبار سان) سڀني کان آخري ۽ (فضيلت ۾) سڀني کان اڳيان هوندي، اي مالڪ ڪريم! ان کي منهنجي اُمَّت بڻائي ڇڏ! الله پاڪ فرمايو: يعني اي موسيٰ! هي سڀني کان آخري نبي احمد مجتبي صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي امت آهي.[2]

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمدِ مصطفیٰ! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کالاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی![3] |

## هڪ غيبي بُزرگ جوانوکو واقعو

اي عاشقانِ آخري نبي! ڏسو! پهريان نبين سڳورن عَلَيۡهِم السَّلَام کي باقاعده وحي موڪلي ڪري ٻڌايو ويو ته اسان جا محبوب نبي، رسول هاشمي سڀني کان آخري نبي هوندا، پوءِ نبين سڳورن عَلَيۡهِم السَّلَام پنهنجي اُمَّتين کي به هي عقيدو ياد

1 الطبقات الكبرىٰ لابن سعد،ذكر علامات النبوة فى رسول الله ...الخ،جلد:1 ،صفحه:129 ملتقطاً۔
2 دلائل النبوه،الفصل الرابع:ذكر الفضيلة الرابعة...الخ،جز:1 ،صفحه:33 و34 ،حديث:31 ملتقطاً۔

3 ... وسائلِ فردوس، صفحه:51۔

ڪرايو. ايستائين جو حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام تشريف ڪٽي آيا، پاڻ بہ آخري نبي، مڪي مدني، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي نبوت ۽ رسالت جي خوشخبري ٻڌائي ۽ پنهنجي اُمَّت کي بہ هي عقيدو ٻڌايو تہ محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ سيني کان آخري نبي هوندا. اچو! حضرت عيسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام جي هڪ اُمّتي جو انوکو واقعو ٻڌون ٿا:

مُسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللهُ عَنْهُ جي دور مبارڪ جو واقعو آهي، **صحابيءِ** رسول حضرت نَضْلہ بن معاويہ رَضِیَ اللهُ عَنْه 300 مهاجرن ۽ انصارن سان گڏ حُلوانِ عراق کان مالِ غنيمت (يعني غير مسلمن کان جنگ ۾ هٿ اچڻ وارو مال) کٽي اچي رهيا هئا تہ هڪ جبل جي ويجهو شام ٿي وئي تہ حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللهُ عَنْه اَذان ڏني، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه اَللّٰهُ اَكْبَرَ اَللّٰهُ اَكْبَرَ چيو تہ جبل مان هڪ آواز آيو، ڪو چئي رهيو هو: اي نَضْلہ! تو تمام وڏي عظمت واري جي وڏائي بيان ڪئي! جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه اَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ چيو، تہ جواب آيو: اي نَضْلہ! تو خالص توحيد بيان ڪئي، جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه اَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًارَّ سُوْلُ اللهِ چيو تہ آواز آيو: **هي اهڙا نبي ٻڌائي ڪري موڪليا ويا آهن جو انهن کان بعد ڪو نبي ناهي،** هي ڊيڄاريندڙ آهن، هيءُ ئي آهن جن جي خوشخبري اسان کي حضرت عيسٰي بن مريم عَلَيْهِ السَّلَام ڏني هئي، انهن ئي جي اُمّت جي آخر ۾ قيامت قائم ٿيندي. صحابيءِ رسول حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللهُ عَنْه جڏهن حَيَّ عَلَى الصَّلٰوةِ چيو تہ جواب آيو: نماز هڪ فرض آهي، خوشخبري آهي ان جي لاءِ جيڪو هن جي طرف هلي ۽ هن جي پابندي ڪري. جڏهن حَيَّ عَلَى الْفَلَاحِ چيو تہ آواز آيو: مراد ڪي پهتو (اهو شخص) جيڪو نماز جي لاءِ آيو ۽ ان تي هميشگي اختيار ڪئي، مراد ڪي پهتو (اهو شخص) جنهن محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ والِهٖ وَسَلَّمَ جي اطاعت ڪئي. جڏهن پاڻ رَضِیَ اللهُ عَنْه چيو: اَللّٰهُ اَكْبَرَ اَللّٰهُ اَكْبَرَ، لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ تہ آواز آيو: اي نَضْلہ! تو ڪامل اخلاص حاصل ڪري ورتو تہ الله پاڪ هن جي سبب تنهنجو جسم دوزخ تي حرام فرمائي ڇڏيو. حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللهُ عَنْه نماز کان

پوءِ بيهي ڪري ارشاد فرمايو: اي خوبصورت انداز ۾ ڳالهائڻ وارا! اسان اوهان جي ڳالهه ٻڌي، تون ملائڪ آهين يا جن يا رجالُ الْغَيْب (يعني نظرن کان پوشيده انسان)؟ اسان جي سامهون ظاهر ٿي ڪري اسان سان گفتگو ڪر جو اسان الله پاڪ ۽ ان جي نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ۽ حضرت عمر رَضِیَ اللهُ عَنْه جا سفير (REPRESENTATIVE) آهيون. هي چوڻو هو جو جبل مان روشن چهري ۽ اَڇي ڏاڙهي وارو ضعيف بزرگ ظاهر ٿيو جنهن اَڇي اُنّ(پشم) جي هڪ چادر ويڙهي رکي هئي، ايندي ئي ان سلام ڪيو: اَلسَّلَامُ عَلَيْكُمْ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُهٗ اتي موجود حاضرين جواب ڏنو، حضرت نَضْلہ رَضِیَ اللهُ عَنْه ارشاد فرمايو: الله پاڪ اوهان تي رحم ڪري اوهان ڪير آهيو؟ ان جواب ڏنو: مان زُرَيْب بن ثَرْمَلا آهيان. الله پاڪ جي نبي حضرت عيسٰي عَلَيْهِ السَّلَام مون کي هن جبل ۾ ترسايو هو ۽ آسمانن کان پنهنجي ٻيهر تشريف ڪٽي اچڻ تائين منهنجي زنده رهڻ جي دعا ڪئي هئي.[1]

سب صحابہ کا ہے یہ عقیدہ اَٹل | ہیں یہ خیرُالوریٰ خاتَمُ الْاَنبیاء

## گذريل اُمتن جا عالم عقيده ختم نبوت

اي عاشقانِ رسول! اسان جا پيارا نبي رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سيني کان آخري نبي آهن، هي ڳالهه گذريل امّتن ۾ گهڻي مشهور ۽ معروف هئي. جيئن ته حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللهُ عَنْه فرمائن ٿا: منهنجو والد تورات جو وڏو عالم هيو، الله پاڪ حضرت موسيٰ عَلَيْهِ السَّلَام تي جيڪو ڪجهه نازل فرمايو، تورات جو جيترو علم ان وٽ هيو، سندس زماني ۾ ٻي ڪنهن وٽ نه هيو، اهو پنهنجي علم مان ڪابه شيءِ مون سان نه لڪائيندو هيو، جڏهن آخري وقت آيو ته مونکي سڏي ڪري چيائين: پٽ! توکي خبر آهي ته مان پنهنجي علم مان ڪابه شيءِ توکان ناهي لڪائي، ها! 2 ورق آهن، انهن ۾ هڪ نبي جو بيان آهي، انهن جي تشريف آڻڻ جو زمانو قريب اچي پهتو آهي، مان پهريان هي ڳالهه

[1] دلائل النبوة لابی نعيم،الفصل السادس:توقع الکهان،جز:1،صفحہ:56،حديث:54۔

توکي هن خوف سان نہ ٻڌائي تہ ڪٿي ائين نہ ٿي جو ڪو ڪوڙو نبوت جي دعويٰ ڪري ۽ تون ان جي پيروي نہ ڪري ويهين!

هاڻي مون اهي ٻئي صفحا ڦاڙي هنڌ رکيا آهن، اجا انهن کي نہ کولي ڏسجان، جڏهن اهي نبي تشريف ڪڻي ايندا، الله پاڪ چاهيو تہ تون ان جي پيروي اختيار ڪندي. حضرت ڪعب الاحبار رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: مون اهي ٻہ صفحا ڪديي ڏٺا تہ انهن ۾ لکيل هيو: مُحَمَّد رسول الله خَاتَمُ النَّبِيِّن لَا نَبِيَّ بَعْدَهٗ مَوْلِدُهٗ بِمَكَّةَ وَ مُهَاجَرُهٗ بِطَيْبَةَ يعني مُحمَّد الله جا رسول آهن، سيني کان آخري نبي آهن، ان کان بعد ڪوبہ نبي نہ ٿيندو، سندن پيدائش مڪي ۾ ٿيندي ۽ هجرت طيّبہ جي طرف فرمائيندا.[1]

حضرت مُغيره بن شُعبہ رَضِیَ اللہ عَنْہ پنهنجي اسلام قبول ڪرڻ کان پهريان جو واقعو ٻڌائيندي فرمائن ٿا: هڪ ڀيري اسان مصر جي بادشاه مَقُوقش سان حضور اقدس صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي تعريف ڪئي، پوءِ مان اسڪندريہ ويس، اُتي مون گذريل امتن جي ڪا عبادت گاه نہ ڇڏي، سيني وٽ ويس، سيني کان مُحمد مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي باري ۾ پڇيو: آخر ۾ هڪ پادري وٽ پهتس، هو پنهنجي قوم جو تمام وڏو عالم هيو، مون ان کان پڇيو: ڇا ڪو نبي دنيا ۾ اچڻ باقي آهي؟ ان چيو: نَعَم! وَهُوَ آخِرُ الْاَنْبِيَاء ها! اهو آخري نبي آهي، ان جي ۽ عيسي عَلَيْہِ السَّلَام جي وچ ۾ ڪو نبي نہ آيو، حضرت عيسيٰ عَلَيْہِ السَّلَام انهن ئي جي پيروي جو حڪم ڏنو هيو، اهو نبي، اُمّي، عربي آهي ۽ ان جو نالو مبارڪ احمد آهي.

حضرت مغيره رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: مون هي سيئي ڳالهيون خوب ياد رکيون ۽ اتان واپس اچي ڪري اسلام قبول ڪيو.[2]

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمدِ مصطفٰے! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کالاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی![1] |

[1] الخصائص الکبریٰ،باب ذکرہ فی التوراۃ ...الخ،جلد:1،صفحہ:25 ملتقطاً ۔

[2] دلائل النبوۃ لابی نعیم،جز:1،الفصل الخامس ذلرہ فی الکتب ...الخ،صفحہ:44- 46، رقم:45ملتقطاً۔

## ولادت باسعادت جي وقت خاص تارو نڪتو

شاعر دربار رسالت، صحابي رسول حضرت حسان بن ثابت رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: منهنجي عمر 7 سال هئي، هڪ ڀيرو رات جو پوين پهر هيو، اچانڪ هڪ آواز گونجهيو، نڪري ڏٺم تہ مديني جي هڪ بُلند ڏڙي تي هڪ غير مسلم هٿ ۾ باھ جو شعلو کڻي دانهون ڪري سيني کي سڏي رهيو هيو، ماڻهو ان جي آواز تي جمع ٿيا، ان چيو: هٰذَا كَوْكَبُ اَحْمَد هي احمد (صَلَّى اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) جو تارو آهي، هي تارو صرف ڪنهن نبي جي ولادت جي وقت ئي نڪرندو آهي ۽ هاڻي نبين مان حضرت احمد مجتبي(صَلَّى اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) کان علاوه ڪو نبي باقي نہ آهي.[2]

## معراج جو سفر ۽ عقيده ختم نبوت

ابوهريره رَضِیَ اللہ عَنْہ کان روايت آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي معراج جي سفر جو واقعو آهي، جڏهن پاڻ ڪريم(مسجدِ اقصيٰ ۾) انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام سان مليا، ان وقت انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام خطبا ڏنا، ان ۾ الله پاڪ جي حمد و ثناء بيان ڪئي، سيني کان آخر رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خطبو ارشاد فرمايو، پاڻ صَلَّى اللہ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن خطبي ۾ پنهنجا ۽ پنهنجي اُمت جا ڪوڙ سارا فضائل بيان فرمايا، پوءِ فرمايائون: سڀ تعريفون اُن ربّ ڪريم جي لاءِ آهن جو جَعَلَنِی فَاتِحًا وَ خَاتِمًا جنهن مون کي فاتح(يعني کولڻ وارو) خَاتم (يعني سيني کان آخري نبي) بڻائي موڪليو آهي. ان وقت حَضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام انبياءِ ڪرام عَلَيْهِم السَّلَام کي فرمايو: بِهٰذَا فَضَّلَكُمْ مُحَمَّد

---

[1] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:51۔

[2] دلائل النبوة لابی نعیم،جز:1،الفصل الخامس ذکره فی الکتب... الخ،صفحہ:38 ،رقم:35ملتقطاً۔

صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم يعني هنن اوصاف و ڪمالات جي سبب محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم توهان سيني ڪان افضل آهن.[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی![2] |

## معراج جو سفر۽ عقيده ختم نبوت

حديث شريف جي مشهور ڪتابن، بخاري، مسلم، ترمذي ۽ مسند احمد ۾ آهي: الله پاڪ جي آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: منهنجو ۽ گذريل انبياء جو مثال ان شخص وانگر آهي جنهن هڪ خوبصورت گهر نهرايو ۽ ان کي سهڻو سجايائين، پر اُن گهر جي هڪ ڪنڊ ۾ هڪ سِرَ جي جڳهه ڇڏي ڏنائين، ماڻهو اچي ان گهر کي ڏسڻ لڳا ۽ اُن تي تعجب جو اظهار ڪندي چوڻ لڳا تہ هتي سِرَ ڇو نہ لڳائي وئي آهي؟ پوءِ حضُور نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ فرمايو: ”مان اها آخري (سِرَ) آهيان ۽ مان ئي نبين ۾ آخري نبي آهيان“.[3]

ٻيءَ روايت ۾ هي الفاظ بہ آهن: ”مان اُن سِرَ جي جڳهه آهيان، منهنجي آمد ڪان بعد ۾ انبياءِ ڪرام جي آمد جو سلسلو خَتم (يعني مڪمل) ٿي ويو.“[4]

| | |
|---|---|
| ہیں وہ قصرِ نبوّت کی اینٹ آخری | قولِ شاہِ دناخاتَمُ الْاَنبیا |

مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديثِ پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: سُبْحٰنَ الله! ڪيترو تہ پيارو مثال آهي ”نُبُوَّت“ ڄڻ نوراني محل آهي، انبياءِ ڪرام (عَلَيهِمُ السَّلام) ڄڻ هن جون نوراني سِرون آهن، حضور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّمَ) ڄڻ هن محل جي آخري

[1] مسندِ بزّار، جلد:17،صفحہ:5-8 ، حديث:9518ملتقطاً۔
[2] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:51 ملتقطاً۔
[3] بخاری ج ۲ ص ۴۸۴ حدیث ۳۵۳۵
[4] مسلم ص ۹۶۶ حدیث ۵۹۶۳

سِرَ آهن جنهن تي هن عمارت جي انتها (COMPLETION) ٿي. هن مان معلوم ٿيو تہ حضور (صَلَّی اللہ عَلَیْہِ واٰلِہٖ وَسَلَّمَ) آخري نبي آهن، سندن زماني ۾ يا سندن کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.[1]

## مون کان بعد ڪو نبي نہ آهي

مسلمانن جا چوٿان خليفہ علي المرتضي، شير خدا رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: هڪ ڀيري مان بيمار هيس، پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ حاضر ٿيس، پاڻ مون کي پنهنجي جڳھ تي ويهاريو ۽ پاڻ نماز ۾ مصروف ٿي ويا، پوءِ پاڻ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم پنهنجي چادر مبارڪ جو ڪجھ حصو مون تي وڌو، (نماز کان بعد) فرمايائون: اي علي! توهان نيڪ ٿي ويا، توهان تي ڪا تڪليف نہ آهي، مون الله پاڪ کان جيڪو ڪجھ پنهنجي لاءِ گهريو، توهان جي لاءِ بہ گهريو ۽ مون جيڪو ڪجھ چاهيو، الله پاڪ مون کي عطا فرمايو پر مون کي فرمايو ويو تہ لَانَبِیَّ بَعْدَكَ يعني اي محبوب صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم! اوهان کان بعد ڪو نبي ناهي. حضرت علي رَضِیَ اللہ عَنْہ فرمائن ٿا: مان انهي وقت اهڙو تندرست ٿي ويس ڄڻ بيمار ئي نہ هيس.[2]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي نهايت مشهور، تمام مختصر ۽ عقيده ختم نبوت کي بلڪل واضح ۽ صاف صاف بيان ڪرڻ واري پياري حديث شريف آهي: لَا نَبِیَّ بَعْدِی مون کان بعد ڪوبہ نبي ناهي. بلڪل اهي ئي الفاظ يا ان کان ملندڙ جلندڙ الفاظ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللہ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم هڪ ڀيرو نہ بلڪ ڪيئي ڀيرا مختلف موقعن تي ارشاد فرمايا. لهٰذا ڪوشش ڪري هي مختصر

---

[1] مرآة المناجيح،جلد:8 ،صفحہ:7بتغير قليل۔
[2] ․كنز العمال،كتاب الفضائل ،فضائل الصحابہ،جز:13 ،جلد:7،صفحہ:74،حديث:36509۔

حديث پاڪ اسان کي بہ ياد ڪرڻ گھرجي ۽ ٻارن کي بہ ياد ڪرائڻ گھرجي، ڪھڙي حديث شريف آھي: لَانَبِیَّ بَعۡدِی مون کان بعد ڪوبہ نبي ناھي.[1]

| | |
|---|---|
| خُود میرے نبی نے بات یہ بتادی: | لَانَبِیَّ بَعۡدِی! |
| ہر زمانہ سُن لے یہ نوائے ہادِی: | لَانَبِیَّ بَعۡدِی! |

## عقيده ختم نبوت تي جانورن جون گواھيون

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عقيده ختم نبوت واضح ۽ صاف عقيدو آھي تہ انسان تہ انسان جانور بہ ان جي گواھي ڏيندا رھيا آھن. جيئن تہ مسلمانن جا ٻيان خليفہ حضرت عمرفاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہ عَنۡہ فرمائن ٿا: سرڪارِ عالي وقار مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہ عَنۡھم جي مجمعي ۾ تشريف فرما ھئا، قبيلہ بنو سيلم جو ھڪ شخص آيو، اھو ڳوھ جو شڪار ڪري ڪٺي آيو ھيو، ان ڳوھ کي پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سامھون رکي ڇڏيو ۽ چيو: مان ان وقت تائين ايمان قبول نہ ڪندس جيستائين ھي ڳوھ اوھان تي ايمان نہ آڻي. جيئن تہ پياري آقا مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڳوھ کي سڏيو تہ ان چيو: لَبَّيۡكَ وَ سَعۡدَيۡكَ (يعني مان حاضر آھيان ۽ فرمانبرداري جي لاءِ تيار آھيان). ڳوھ ھي ڳالھ ايتري بلند آواز ۾ چئي جو سيني حاضرين ٻڌي ورتي. پوءِ پاڻ صَلَّى اللّٰہ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: تنھنجو معبود(يعني عبادت جي لائق) ڪير آھي؟ ڳوھ جواب ڏنو: منھنجو معبود اھو آھي جنھن جو عرش آسمان ۾ آھي، انھي جي بادشاھي زمين ۾ آھي، ان جي رحمت جنت ۾ آھي ۽ ان جو عذاب جھنم ۾ آھي. وري پاڻ پڇيو: اي ڳوھ! ٻڌاءِ مان ڪير آھيان؟ ڳوھ وڏي آواز ۾ چيو: اَنۡتَ رَسُوۡلُ رَبِّ الۡعالمين وَ خَاتَمُ النَّبِيِين يعني اوھان الله ربّ العالمين جا رسول ۽ سيني

[1] مسلم،ڪتاب الامارة،باب وجوب الوفاء ببيعة الخلفاء الاول فالاول،صفحہ:739،حديث:1842 ـ

ڪان آخري نبي آهيو. جنهن اوهان کي سچو مڃيو اهو ڪامياب ٿي ويو ۽ جنهن اوهان کي ڪوڙو چيو اهو نامراد ٿي ويو. هي معجزو ڏسي ڪري اهو شخص ايترو تہ متاثر ٿيو جو انهي وقت ڪلمو پڙهي مسلمان ٿي ويو.[1]

اے بلا! بے خردئ کفار، رکھتے ہیں ایسے کے حق میں انکار
کہ گواہی ہو اگر اُس کو درکار، بے زباں بول اُٹھا کرتے ہیں[2]

**وضاحت**: افسوس! مصيبت! اللہ پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي نہ مڃڻ وارا ڪيتري قدر نادان ۽ بيوقوف آهن، حالانڪ اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي سچي ۽ آخري نبي هجڻ جي گواهي ڏيڻ چاهين تہ بي زبان جانور بہ گواهي ڏيڻ جي لاءِ ڳالهائڻ لڳندا آهن.

## مبارڪ گڏھ جي گواهي

جڏهن خيبر فتح ٿيو تہ رسول اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هڪ ڪاري رنگ جي وڏن ڪنن واري گڏھ کي ڏٺو، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان سان ڳالهيون ڪيائون، هُو بہ جواب ڏيندو رهيو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو تنهنجو نالو ڇا آهي؟ عرض ڪيائين: يزيد جو پٽ شهاب، اللہ پاڪ منهنجي ڏاڏي جي نسل مان 60 گڏھ پيدا ڪيا، كُلُّهُمْ لَا يَرْكَبُهُ اِلَّانَبِيّ انهن سڀني تي صرف ۽ صرف نبين ئي سواري ڪئي، وَ قَدْ كُنْتُ اَتَوَقَّعُ اَنْ تَرْكَبَنِىْ لَمْ يَبْقَ مِنْ نَسْلِ جَدِّى غَيْرِىْ وَ لَا مِنَ الْاَنْبِيَاءِ غَيْرُكَ يعني مون کي يقيني توقع هئي تہ حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن مون کي پنهنجي سواري سان مشرف فرمائيندا ڇوتہ هاڻي منهنجي ڏاڏي جي نسل مون کان سواءِ باقي ناهي رهي ۽ انبياءِ ڪرام ۾ اوهان کان سواءِ ڪوبہ نبي باقي نہ آهي.

[1] معجمِ اوسط،جلد:4 ،صفحہ:283،حديث:5996 ملتقطًا۔
[2] ... حدائقِ بخشش، صفحہ:112۔

جيئن تہ الله پاڪ جي آخري نبي، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان خوش قسمت ڳڌھ کي قبول فرمايو ۽ ان جو نالو ”يعفور“ رکيو.[1]

| | | | |
|---|---|---|---|
| محمدِ مصطفیٰ! | سب سے آخری نبی! | احمدِ مجتبیٰ! | سب سے آخری نبی! |
| آمنہ کا لاڈلا! | سب سے آخری نبی! | شاہِ ہر دوسرا! | سب سے آخری نبی! |
| تاجدارِ انبیا! | سب سے آخری نبی! | ہیں حبیبِ کبریا! | سب سے آخری نبی! |
| عقیدہ سب صحابہ کا! | سب سے آخری نبی! | عقیدہ اَہْلِ بیت کا! | سب سے آخری نبی! |
| نظریہ غوث کا! | سب سے آخری نبی! | اَوْلیا کا نظریہ! | سب سے آخری نبی! |
| ہے رضا کا نظریہ! | سب سے آخری نبی! | نظریہ عطار کا! | سب سے آخری نبی![2] |

## 30 ڪوڙا نبي

اي عاشقانِ رسول! اَلْحَمْدُ لِلّٰه! عقيده ختم نبوت بلڪل واضح ۽ صاف صاف عقيدو آهي، انهن تمام دليلن مان واضح ٿي ويو تہ زمين ۽ آسمان جي پيدائش کان پهريان کان وٺي هاڻي تائين هر زماني ۾ ملائڪن، نبين، صحابہ، اهل بيت، علماء، اولياء، سڀني جو عقيدو رهيو آهي تہ اسان جا پيارا نبي، رسول هاشمي، مکي مدني محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني کان آخري نبي آهن. سندن بعد ڪو نئون نبي نہ ايندو.

پر ياد رکو! هي عقيدو جيترو واضح ۽ صاف آهي، ان تي ڏاڙُو هٽڻ وارا بہ تمام گهڻا آهن. آخري نبي، محمد عربي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: عنقريب منهنجي اُمّت ۾ ٽيهہ تمام وڏا ڪوڙا (پيدا) ٿيندا، انهن مان هر هڪ دعويٰ ڪندو تہ اهو نبي آهي حالانڪ مان خَاتَمُ النَّبِيِّين (يعني آخري نبي) آهيان ۽ مون کان بعد ڪوبہ نبي ناهي.[3]

---

[1] تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:4، صفحہ:232 ملتقطًا۔

[2] ... وسائلِ فردوس، صفحہ:51 و52 ملتقطًا۔

[3] ابو داؤد ۴ ص ۱۳۲ حديث ۴۲۵۲

مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ لکن ٿا: هي 30 ڪوڙا نبي اهي آهن جن کي ماڻهن نبي مڃي ورتو ۽ انهن جو فساد پکڙجي ويو، بي قِسم جي نُبُوَّتَ جي دعويٰ ڪرڻ وارا جنهن کي ڪنهن به نہ مڃيو اهي بڪواس ڪري مري ويا اهي تہ گهڻا آهن.

(مفتي صاحب وڌيڪ فرمائن ٿا:) معلوم ٿيو تہ خاتَمُ النَّبِيّين جي معنٰي آهي آخري نبي چوتہ ان جي زماني ۾ ۽ ان جي زماني کان بعد ڪو نبي نہ بڻجي. هن معنٰي تي اُمّت جو اجماع (يعني اتفاق) آهي جيڪو چئي هن جي معنٰي ”آخري نبي“ ناهي بلڪ اصلي نبي آهي اهو ڪافر آهي.[1]

## ايمان جي سلامتي جي فڪر نہ ڪرڻ جو نقصان

معلوم ٿيو عقيده ختم نبوت تي ڏاڍو هٿڻ وارا گهڻا آهن ، انهي ڪري اسان کي گهرجي تہ پنهنجي ايمان جي فڪر ڪريون. ياد رکو! هڪ انسان وٽ سيني کان قيمتي بلڪ انمول شيءِ ايمان آهي، الله پاڪ جي رحمت سان جنهن وٽ ايمان جي دولت آهي، اهو مال جي اعتبار سان جيتوڻيڪ غريب هجي پر ايمان جي دولت سان محروم ڪروڙين، ارب پتي شخص کان بہ وڌو مالدار آهي، جڏهن تہ اسلام جي دولت کان محروم مالدار حقيقت ۾ مفلس ۽ غريب آهي ۽ معاذالله ثُمَّ معاذالله! انهي حالت يعني ڪفر جي حالت ۾ مرڻ وارو هميشہ هميشہ جي لاءِ جهنم ۾ رهندو. لھٰذا هر مسلمان کي گهرجي تہ هميشہ ايمان جي سلامتي ۽ خاتمہ بالخير جي بارگاھ ربُّ العزت ۾ دعا ڪندو رهي. هن پُرفتن دور ۾ جتي نيڪ اعمال ڪرڻ ۾ بيحد سستي اچي چڪي آهي اتي ايمان جي حفاظت جي فڪر بہ تمام گهٽ نظر اچي ٿي، هر ايندڙ ڏينهن نوان نوان فتنا مختلف انداز سان مسلمانن جي ايمان کي ڪوڪلو ڪرڻ ۾ مصروف آهن. ايمان جي سلامتي جي فڪر

[1] مراٰۃ ج ۷ ص ۲۱۹،۲۲۰ سے خُلاصہ

نهايت ضروري آهي، چاهي سڄي زندگي نيڪين ۾ گذاري هجي پر خدانخواسته خاتمو ايمان تي نہ ٿيو تہ هميشہ جي لاءِ دوزخ ۾ رهڻو پوندو. فرمانِ آخري نبي، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: اِنَّمَا الْاَعْمَالُ بِالْخَوَاتِيْم يعني اعمال جو دارومدار خاتمي تي آهي.[1]

تمام عاشقانِ آخري نبي کي گهرجي تہ هي مسنون دعا ضرور گهرندا ڪن:

يَا مُقَلِّبَ الْقُلُوْبِ ثَبِّتْ قَلْبِىْ عَلٰى دِيْنِكَ[2]

ترجمو: اي دلين کي ڦيرڻ وارا! منهنجي دل کي پنهنجي دين تي ثابت قدم رک.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: هفيوار رسالو

اَلْحَمْدُ لِلّٰه! اجوڪي هن پُرفتن دور ۾ عاشقانِ رسول جي ديني تحريڪ دعوتِ اسلامي دلين ۾ عشقِ رسول جاڳائڻ، نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۽ امّت کي نيڪ نمازي بڻائڻ جي ڪوشش ۾ مصروفِ عمل آهي، توهان بہ دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو، ذيلي حلقن جي 12 ديني ڪمن ۾ خوب وڌي ڪري حصو وٺو! اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! دين ۽ دنيا جون بي شمار برڪتون نصيب ٿينديون. ذيلي حلقن مان هڪ ديني ڪم هفتيوار رسالو مطالعو بہ آهي. اچو! ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌون ٿا:

## غير مسلم مسلمان ٿي ويو...!!

هند جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو ڪجهہ هن طرح بيان آهي: مان ڪفر جي

---

[1] بخاری،کتاب القدر،باب العمل بالخواتيم،صفحہ:1617،حديث:6607۔

[2] ... ترمذی، کتاب القدر،باب ما جاء ان القلوب بين اصبعی الرحمٰن، صفحہ:517، حديث: 2140۔

اونداهين ۾ ڀٽڪي رهيو هيس، هڪ ڏينهن ڪنهن اميرِ اهل سنت، حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّارقادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ جو رسالو احترامِ مسلمتحفي ۾ ڏنو مون پڙهيو تہ حيران رهجي ويس تہ جن مسلمانن کي مون هميشہ نفرت جي نگاهہ سان ڏنو آهي انهن جو مذهب اسلام ايتري قدر امن جو پيغام ڏي ٿو !رسالي جي تحرير تاثير جو تير بڻجي ڪري منهنجي دل ۾ لهي وئي ۽ دل ۾ اسلام جي محبت گهر ڪري وئي. هڪ ڏينهن مان بس ۾ سفر ڪري رهيو هيس تہ ڪجھ ڏاڙهي ۽ عمامي وارن اسلامي ڀائرن جو قافلو بہ بس ۾ سوار ٿيو، مان ڏسندي ئي سمجهي ويس تہ هي مسلمان آهن، منهنجي دل ۾اسلام جي محبت تہ پيدا ٿي ئي چڪي هئي لهٰذا مان احترام جي نظر سان انهن کي ڏسڻ لڳس، ايتري ۾ هڪ اسلامي ڀاءُ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّمَ جي شان ۾نعت شريف پڙهڻ شروع ڪئي، مونکي ان جو انداز تمام سنو لڳو، منهنجي دلچسپي ڏسي ڪري انهن مان هڪ اسلامي ڀاء مون سان گفتگو شروع ڪئي. اهو سمجهي ويو تہ مان مسلمان ناهيان، ان مسڪرائيندي وڏي پياري انداز ۾ مونکي چيو، مان اوهان کي اسلام قبول ڪرڻ جي درخواست ڪريان ٿو، مان رسالو احترامِ مسلم پڙهي ڪري پهريان ئي دلي طور تي اسلام جو شيدائي ٿي چڪو هيس، انهن جي محبت ڀري انداز دل تي وڏيڪ اثر ڪيو ۽ اَلْحَمْدُلِلّٰه! مان ڪلمو پڙهي ڪري مسلمان ٿي ويس [1]

اسی ماحول نے ادنیٰ کو اعلیٰ کردیا دیکھو | اندھیرا ہی اندھیرا تھا اُجالا کردیا دیکھو

## دارالافتاء اهل سنت ايپلي ڪيشن

دعوتِ اسلامي جي آئي ٽي ڊيپارٽمنٽ جي طرف کان هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي وئي آهي، جنهن جو نالو آهي: (Dar-ul-Ifta Ahlesunnat) (دارُ الافتاء

[1] غافل درزی، صفحہ:25۔

اهلِ سنّت). هي ايپليڪيشن Android ۽ IOS ٻنهي طرح جي ڊيوائسز سان بآسانيءَ ڊاؤن لوڊ ڪري سگهجي ٿي، هن موبائل ايپليڪيشن ۾ ❁ مختلف موضوعن تي پڇيل سوالن جا جواب آڊيو، وڊيو ۽ ٽيڪسٽ جي صورت ۾ موجود آهن ❁ احڪامِ تجارت ❁ فرض علوم ڪورس ❁ ۽ تجارت ڪورس بہ هن ايپلي ڪيشن ۾ شامل آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجھ سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو. تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی كَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سينہ تيری سُنّت کا مدينہ بنے آقا! | جنت ميں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## زلفن ۽ مٿي جي وارن جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم : جنهن جا وار هجن اهو انهن جي عزت ڪري.[2] يعني انهن کي ڌوئي، تيل لڳائي ۽ ڪنگو ڪري.

پيارا اسلامي ڀائرو! پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا زلف ڪڏهن نِصف (يعني اڌ) ڪن مبارڪ تائين ❁ ڪڏهن ڪن مبارڪ جي لَو تائين ۽ ❁ ڪڏهن ڪڏهن وڌي ويندا هئا تہ مبارڪ ڪلهن کي جهومي جهومي ڪري چمڻ لڳندا هئا ❁ اسان کي گهرجي تہ ڪڏهن ڪڏهن ٽئي سنّتون ادا ڪيون، يعني ڪڏهن اڌ ڪن تائين تہ ڪڏهن پوري ڪن تائين تہ ڪڏهن ڪلهن تائين زلف رکون

[1] مشكوٰة الصابيح،كتاب الايمان،باب الاعتصام بالكتاب والسنة ،الفصل الثاني،55/1،حديث:175
[2] ابو داؤد، كتاب الترجل، باب فی اصلاح الشعر، صفحہ:653، حديث:4163 ـ

۞ ڪجهه ماڻهو ساڄي يا کابي پاسي سينڌ ڪيندا آهن هي سنّت جي خلاف آهي ۞ سنّت هي آهي تہ جيڪڏهن مٿي تي وار هجن تہ وچان سينڌ ڪڍي وڃي ۞ مرد کي اختيار آهي مٿي جا وار ڪترائي يا وڌائي ۽ سينڌ ڪڍي ۞ حضرت اَنس رَضِیَ اللہُ عَنْہ فرمائن ٿا: پيارا آقاءِ مديني وارا مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن اڪثر سَرِ اقدس ۾ تيل لڳائيندا ۽ ڏاڙهي مبارڪ ۾ اڪثر ڪنگو ڪندا ۽ اڪثر مٿي مبارڪ تي ڪپڙو (يعني سربند شريف) رکندا هئا ايستائين جو اهو ڪپڙو تيل سان آلو ٿي ويندو هو.[1]

تیل کی بُوندیں ٹپکتی نہیں بالوں سے رضا | صبحِ عارِض پہ لُٹاتے ہیں ستارے گیسو

وضاحت: اي رضا! پياري آقاءِ مديني واري مصطفٰي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زلف مبارڪ مان جيڪي تيل جا ڦُڙا ٽِمي رهيا آهن، مونکي تہ هي منظر ايئن لڳي رهيو آهي جيئن تارن سان پريل رات مصطفٰي جي چهري تي، والضُّحٰي واري چهري تي تارا نڇاور ڪري رهي آهي.

مختلف سنّتون سکڻ جي لاءِ مڪتبۃُ المدينہ جو ڪتاب بهارِ شريعت جلد:3 حصّو: 16، ۽ شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جو 91 صفحن جو رسالو 550 سنّتون ۽ آداب خريد ڪيو ۽ پڙهو،

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِیْب صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

[1] 550 سنتیں اور آداب ، صفحہ:41 تا43 ملتقطاً۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِى الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعه ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين ڏسندو هو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِىَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينه صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا.[2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

---

[1] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

[2] افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُودشريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافع امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

[1]... القول البديع، الباب الثانی، ص277

[2]... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

[3]... القول البديع، الباب الاول، ص3125

[4]... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْمِ

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰہ عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد      صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب!

---

[1]... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

[2]... ابنِ عساڪر ج 19، ص 155، حديث 4455